# هڪ جنرل کي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو!؟

بينظير ڀٽو

ڊاڪٽر منظور قادر



www.bhutto.org

# هڪ جنرل کي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو؟

## بينظير ڀٽو

ڊاڪٽر منظور قادر

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ

www.bhutto.org



سکن واري سنڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

# نئون نياپو


ڪتاب جو نالو: هڪ جنرل کي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو؟
ليکڪ: بينظير ڀٽو
سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور قادر
ڪمپوزنگ: رحمان لنڊ
ٽائيٽل ڊزائين: مجاهد ميمڻ
ڇپجڻ جي تاريخ: فيبروري 2008
پيسٽنگ قمرالزمان گهانگهرو
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سچل ڳوٺ ڪراچي
Cell # 0346-2103811
مُلهه **RS: 100/=**
www.bhutto.org

# ارپنا

مان شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو
جي محنت ۽ پورهئي کي
پنهنجي ۽ سنڌ جي مستقبل
بلاول جي نالي سان
منسوب ڪريان ٿو...

**ڊاڪٽر منظور قادر**

www.bhutto.org

# ڏونگر ڏکويلن کي ڳل نہ سُکا ڳوڙها!

ماڻهوءَ جي زندگي اُها آهي جنهن ۾ هو جيئي ٿو. سڀاڻي جي ڪنهن کي کهڙي خبر. سڀاڻي جو سج ضرور نڪرندو پر اهو ضروري ناهي تہ اسين اهو سج بہ ڏسون. ها باقي موجود پل جنهن ۾ اسين جي رهيا آهيون، اهي پل ئي وڏي وٿ هوندا آهن، انهن ئي چند لمحن جي بنياد تي اسين پنهنجي مستقبل کي بہ محفوظ ڪري سگهون ٿا پر اهو سڀ ڪجهہ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. ڪجهہ ماڻهو قدرتي طور تي ايترا ذهين هوندا آهن جو هو ايندڙ وقت جي حالتن کي بہ درسنيءَ جيان عام اَڏو آڻي بيهاريندا آهن. وقت کان پهريان ڪيل سندن اڳڪٿيون يا تجزيا ايترا تہ تز ۽ حقيقت تي مبني هوندا آهن جو انهن کي جيئن جو تيئن پسي ڏندين آڱرين اچي ويندیون آهن.

نيڪ پنج سال اڳ جڏهن اسلام آباد ايئرپورٽ واري لائونج ۾ بوڪ اسٽال تي پيل اسان جي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو ڪتاب "آخر ايڪ جنرل ڪب پسپا هوتا هي" ڏٺو هوم تہ ڪتاب کولڻ کان پهريان ئي قيمت ادا ڪري پوءِ کولي ڏسڻ لڳس. اسلام آباد کان ڪراچي واپسي جي فلائٽ ۾ مون سمورو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو ۽ ڪراچي ايئرپورٽ جي لائونج کان ٻاهر ايندي اهو فيصلو ڪري ورتم تہ هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ضرور ڪندس. هڪ مهيني جي اندر اندر مون ڪتاب تہ ترجمو ڪري ورتو پر پوءِ شهيد راڻيءَ کان اجازت ۽ راءِ معلوم ڪرڻ ضرور چاتم. مون ڪيس ان سلسلي ۾ هڪ خط لکيو ۽ ڳالهہ وساري ويٺس پر ڳالهہ وسارڻ جهڙي نہ هئي، ڇو تہ ان وقت جي ڪيل تجزين پہ هزار ست تائين سڀ ڪجهہ درست ثابت ڪري ڏيکاريو. عقل حيران آهي تہ پنج ست سال اڳ جنرل مشرف جي حوالي سان اسان جي شهيد راڻيءَ جيڪي اڳڪٿيون ڪيون، اهي سؤ سيڪڙو ثابت ٿيون. 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد راڻي جي واپسي کانپوءِ پڪوپهہ ڪيم تہ سائس روبرو ويهي ڪيس مسودو بہ ڏيکاريان ۽ سندن راضپو بہ حاصل ڪريان گڏوگڏ ڪتاب ۽ ترجمي متعلق ڪجهہ اکر بہ لکرايان. اڄ نہ سڀاڻي، اڄ نہ سڀاڻي ڪندي ۽ شهيد راڻي جي مصروفيتن کي ذهن ۾ رکندي بس ان انتظار ۾ هئس تہ ڪنهن ڏينهن تي ملي اهو ڪم اڪلائي وٺان پر ڪهڙي خبر!

افسوس اهو اڀاڳو ڏينهن سامهون آيو ۽ اسين لاوارث ٿي وياسين. هوش حواس ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا....!

شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو اسان کان جدا ڪئي وئي. دشمنن اڳي جيان اهو ئي سمجهيو تہ سنڌين کان محترمہ بينظير کي پري ڪري ڪين ڪندائنو ڪري ڇڏبو ۽ ائين پارٽي بہ ڇڙوڇڙ ٿي ويندي پر شايد ڪين اها خبر ناهي تہ لفظ "ڀٽو" هڪ نظريو بڻجي چڪو آهي. 27 ڊسمبر 2007ع بظاهر هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن اسان کان پنهنجو محبوب قائد جدا ڪيو پر سندس شهادت کانپوءِ شهيد راڻي جو هڪ نئون جنم ٿيو آهي. جنهن جو قيامت تائين ڪوبہ موت ٿيڻو ناهي. جنرل مشرف ۽ سندس لابيءَ متعلق شهيد محترمہ بينظير جيڪي بہ تجزيا ڪيا هئا ۽ انديشا ظاهر ڪيا هئا، اهي سڀ درست ثابت ٿيا.

شهيد راڻيءَ جي اها مدبرانہ سياست، فهم، تدبر ۽ تحمل هو جنهن جنرل مشرف کي وردي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. اها هڪ جنرل جي شڪست هئي جڏهن تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ جنرل جيڪو حڪومتي ٻيڙي ۾ سوار ٿيو تنهن

موت ڪانسواءِ وردي ناهي ڇڏي. اجا بہ ائين چئجي تہ فوجي پنهنجي عهدي ۽ رينڪ سان ايترا تہ ڇهتيل هوندا آهن جو مرڻ ڪانپوءِ بہ قبر جي ڪتبي تي نالي سان پنهنجي رينڪ لکرائڻ جي وصيت ضرور ڪندا آهن.

8 سال جي جلاوطني ڪانپوءِ جڏهن شهيد راڻي پنهنجي تدبر فهم ۽ سياست ذريعي پنهنجي لاءِ واپسيءَ جون راهون هموار ڪيون ۽ جنرل کي ڳالهين لاءِ مجبور ڪيو. ان حد تائين جو جنرل خود عرب امارات جي شهر ۾ وڃي پهتو ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڳالهين ۾ هن پنهنجي جاءِ پئي گهري. جنهن ۾ شهيد راڻي کيس مات ڏني ۽ کيس ٺپ جواب ڏنو. مجبورن هن کي وردي ڇڏڻي پئي پر جڏهن هن ڏٺو تہ جيڪڏهن محترمہ بينظير ڀٽو اقتدار ۾ اچي وئي تہ کيس صدارتي ڪرسي بہ خالي ڪرڻي پوندي. ان ڪري ئي ڳالهين سان گڏوگڏ سازشين پنهنجا چار وڇائڻ شروع ڪيا ۽ شهيد راڻي کي اسان کان جدا ڪيو ويو. چوندا آهن تہ جيڪو سامهون وڙهي نہ سگهندو آهي اهو لڪي وار ڪندو آهي. اسان جي راڻي بہ ڪنهن لڪل ۽ ڳجهي وار جو شڪار ٿي وئي. سڄي سنڌ سان گڏ سموري دنيا سراپجي وئي. بيشڪ اسان هڪ وڏي آزمائش ۾ آهيون. پنهنجي ڏک. صدمي ۽ هن قومي الميي کي هاڻ هڪ ڀرپور طاقت ۾ بدلائڻو آهي، دشمن جي سازشن کي سمجهڻو آهي. جنهن ۾ هن جو مقصد پارٽي کي قيادت جي نالي تي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ آهي، ان مقصد لاءِ ئي هو اليڪشن ملتوي ڪرڻ جا بهانا پيو ڳولي تہ جيئن پيپلزپارٽي جي ان طاقت کي ٽوڙي سگهجي. هن وقت اسان سڀني سنڌ واسين جي مٿان فرض ٿو عائد ٿئي تہ اسين شهيد راڻي جي مشن کي ڪٽي اڳتي وڌون. پارٽي قيادت تي اعتماد ڪندي پارٽي کي ڀڃ ڊاهہ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪريون. ووٽ شهيد راڻي جي امانت آهي. ان امانت ۾ خيانت نہ ٿيڻ گهرجي، سنڌ دشمن ماڻهن جي منصوبن کي رد ڪندي پنهنجي وطن ۾ آزاد ۽ خوشحال زندگي گهارڻ لاءِ جتن ڪريون ٿا.

موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي ۽ شهيد راڻي جي مڙني اڳڪٿين کي ثابت ٿيندي ڏسي مون هن ڪتاب جو نالو "هڪ جنرل کي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو؟" تجويز ڪيو آهي. جيڪو پنهنجي معني ۽ مفهوم جي حساب سان بلڪل نهڪندڙ آهي. باقي جيستائين ترجمي جو تعلق آهي تہ ان لاءِ ايترو چوندس تہ مون وڌ ۾ وڌ ڪوشش اها ڪئي آهي تہ هيءَ ڪتاب پنهنجي جوهر ۾ ٻولي جي تفاوت ڪانسواءِ جيئن جو تيئن سامهون اچي. غلطين جي گنجائش بہ ٿي سگهي ٿي. آخر انسان آهيان. درگذر ڪندي نشاندهي ضرور ڪندا تہ شڪر گذار رهندس.

هن سموري مسودي کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ مان پياري ڀاءُ انعام عباسي جو ٿورائتو آهيان، جنهن ڏينهن رات هڪ ڪري توهان جي سامهون هڪ خوبصورت سوکڙي پيش ڪئي آهي ۽ شهيد راڻي جي پيغام کي اوهان تائين پهچايو آهي. جنهن جو مشن شاهہ سائين جي شعر جيان هو تہ:

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي،
وڃي پونءِ پيٺي، سڪندي کي سڄڻين!

**ڊاڪٽر منظور قادر**

ڪراچي: 08 01 18
0301 8 262021

www.bhutto.org

شهباز قلندر سان هئي. جڏهن پاڻ ٽازو ڇاول ٻار هو ۽ بيمار رهڻ لڳو هو. ڊاڪٽرن ٻه آسرو لاهي ڇڏيو هو، تڏهن سندس والده حضرت قلندر جي مزار تي حاضري ڀري ۽ دعا گهري هئي. الله پاڪ هڪ نوجوان ماءُ جي اها دعا قبول ڪئي. ماءُ پنهنجي پٽ کي هڪ سئي پوشاڪ پارائي ۽ سندس بسترو ريشمي ڪپڙن سان ٺاهيو. الله پاڪ سندس ماءُ کي تڪليف واري ڪيفيت کان نجات ڏني ۽ پوءِ هوءَ پنهنجي پٽ عوام جي هيري کي جيل ۾ ڦاسي واري ڪال ڪوٺڙي ۾ ڏسي ها پر ان ڪال ڪوٺڙي ۾ ٻه جتي ظالمن ڪيس ڦاسي ڏيڻ کان اڳ ٿي ماري ڇڏيو هو. ان جي همت هڪ چمڪندڙ مينار جيان روشن رهي ۽ عوام کي حوصلو ڏيندي رهي ته هو ظالم سان وڙهندو رهي، ان ڪري ٿي ته عورتن ۾ ٻه همت ۽ حوصلو پيدا ٿيو ته هو ٻه فوجين اڳيان سينو سپر ٿي وڃن. ٻارن ۾ اها همت پيدا ٿي ته هو ٻه ان ظالماڻي، بي رحم ۽ بي انصافيءَ واري قيد تي احتجاج ڪن. ذوالفقار علي ڀٽو جي ذات ۾ نه صرف پاڪستان پر پوري مسلم دنيا کي اميد ۽ خوابن جي تعبير ۽ امنگ نظر آئي. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي زندگي غريب پيڙهيل ۽ محروم عوام جي لاءِ قربان ڪري ڇڏي. هن غاصبن ۽ لٽيرن کي چيو ته هو کين ٻڌائيندو ته "هڪ عوامي ليڊر ڪيئن زنده رهندو آهي ۽ ڪيئن مرندو آهي." هن چيو ۽ اهو سڀ ڪري ڏيکاريو. ڪيس رات جي اونداهي ۾ رازداري سان قتل ڪيو ويو ۽ سندس ميت پنهنجي پيدائش واري شهر لاڙڪاڻي پهچائي وئي. جڏهن پوري قوم ننڊ سمهي رهي هئي، غيرفطري طور تي ريگستاني علائقي ۾ اڻ مندائتي بارش ٿي ۽ اهڙي ريت قدرت ٻه ان عظيم شخصيت لاءِ ڳوڙها ڳاڙيا. جنهن جي عظمت پوري دنيا ۾ تسليم ڪئي ويندي هئي. پنهنجي نوجوان زال نصرت کي شادي وقت ذوالفقار علي ڀٽو چيو هو ته "مان ٿوري وقت لاءِ آسمان تي هڪ ستاري جيان چمڪندس ۽ ان کانپوءِ گم ٿي ويندس." هو ايشيا جو چمڪندڙ ستارو هو ۽ ان جهڙو انسان وري ڪڏهن پيدا نه ٿيندو.



www.bhutto.org

هو اعلي قدرن جو پيروڪار هو. جڏهن وقت آيو تہ هن ڪمپرومائيز ڪرڻ بدران پنهنجي جان جي قرباني ڏيڻ کي ترجيح ڏني. هو ٽيپو سلطان جي ان چوڻيءَ کي هر وقت پيو ورجائيندو هو تہ "شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي گدڙ جي هزار سالن جي زندگي کان بهتر آهي" هن چيو هو تہ هو دنيا کي اهو ثابت ڪري ڏيکاريندو تہ هڪ عوامي ليڊر ڪيئن زنده رهندو آهي ۽ ڪيئن مرندو آهي. سموري دنيا سندس زندگي لاءِ التجا ڪئي ڇو تہ اهڙو شخص دنيا ۾ امن ۽ ترقي لاءِ تمام گهڻو اهم هو. هڪ جنرل سموري دنيا جي التجائن کي رد ڪيو ۽ کيس ڦاهي چاڙهي ڇڏيو.

سڄي دنيا حيرت ۾ هئي ۽ ڀٽو ڦاهيءَ جي ڦندي تي جهولندو رهيو. سڄي دنيا ان عظيم شخص لاءِ حيرت ۽ غم واري ڪيفيت ۾ مبتلا هئي، ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي سندس ڦاسيءَ واري سزا کي سخت ننديو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو تاريخ ۾ انهن عظيم ماڻهن جي قطارن ۾ بيٺل آهي. جن تاريخ ٺاهي آهي. سندس شهادت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آزادي جي تحريڪن کي جنم ڏنو دنيا جي دارالحڪومتن ۾ ڪروڙين ماڻهو قائد عوام کي ڏنل ڦاهي واري سزا کي ننديڻ لاءِ گڏ ٿيا. تاريخ جي شاگرد جي حيثيت سان هو ڄاڻندو هو تہ هميشہ جي زندگي ڪنهن مقصد لاءِ قرباني ڏيڻ وارن جي ئي حصي ۾ ايندي آهي ۽ انهن مقصدن ۾ سڀ کان وڏو مقصد انسان کي ظلم ۽ ڏاڍ کان آزادي ڏيارڻ آهي.

ڀٽو شهيد 1928ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1979ع ۾ کيس شهيد ڪيو ويو پر سچ تہ اهو آهي جو هو اڄ تائين عوام جي دلين ۽ ذهنن ۾ زنده آهي ۽ آسمان تي هڪ چمڪندڙ ستاري جيان تجليون ڏئي رهيو آهي ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي ماريل مظلوم عوام لاءِ اميد جي روشن لاٽ آهي.


www.bhutto.org

ٿاهي وڃي ٿي. جڏهن تہ هو جيل جي هڪ ڪمري ۾ قيد تنهائي واري زندگي گذاري رهيو آهي ۽ ان ڪمري جي درين جا شيشا ڪارا ڪيا ويا آهن. ڪنهن جي اڪيلائي ۾ اها بيجا مداخلت ختم ٿيڻ گهرجي. انٽيليجنس ايجنسيون تہ هر ملڪ جو حصو هونديون آهن پر اهي قانون جون پابند هونديون آهن. پاڪستان ۾ انهن ڇڙواڳ ايجنسين کي پابند ڪرڻ جي ضرورت آهي پر اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسلام آباد وارا انهن ٽيپس جي ڪا داد رسي ڪري، رياستي ادارن جي صفائي تي ور ڪنجهي بيهي رهن. ادارا تہ ڪيترائي آهن. جنهن ۾ پارليامينٽ، عدليا، انٽيليجنس ايجنسيون ۽ هٿياربند فوج بہ شامل آهن. اسلام ۾ الزام تراشي جي سخت منع ڪيل آهي پر افسوس جو دنيا جي ٻئي سڀ کان وڏي اسلامي ملڪ ۾ الزام تراشي، ڪوڙ ۽ ڪردار ڪشي وارو تماشو بدستور جاري آهي جيڪو ڪڏهن بہ انصاف جي ڪسوٽيءَ تي پورو لهي نٿو سگهي. مون پنهنجي تازي مغربي دؤري دؤران اهو ڏٺو تہ اتي جا اڳواڻ صرف مثبت قسم جي تنقيد ڪندا آهن ۽ ذاتي قسم جي حملن کان پاسو ڪندا آهن. مون کي ان ڳالهہ تي ڏاڍي حيرت ٿي تہ ريپبليڪن حڪومت اپوزيشن وارن کي ان ڳالهہ تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي تہ انساني ڀلائي ۽ ميٺ محبت وارو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪئي وڃي. آمريڪا جي صدر بش ڊيموڪريٽڪ سينيٽر ڪينيڊيءَ کي ايوان صدر اچڻ جي دعوت ڏني تہ جيئن گڏجي ڪا فلم ڏسن. دوستيءَ لاءِ اهڙو قدم اهو ظاهر ڪري ٿو تہ سياستدانن جا پاڻ ۾ تہ اختلاف ٿي سگهن ٿا پر هڪٻئي جي عزت ڪرڻ بہ نہ وسارڻ گهرجي. جڏهن اڳواڻ سياسي ايجنڊا تي عمل ڪرڻ جي لاءِ گڏيل احترام کان محروم ٿي ويندا آهن تہ چند فردن کان وڌيڪ پورو انساني معاشرو متاثر ٿيندو آهي. جڏهن کان مون وزارت عظميٰ جو قلمدان ڇڏيو آهي تڏهن کان اسان جو ملڪ مالي لحاظ کان ڏيوالپٽي جو شڪار ٿي ويو آهي. ملڪ جي مستقبل مٿان فوج جو هڪ نہ ڪٽندڙ پاڇو پيل نظر اچي ٿو. جيستائين جمهوريت جي گاڏي کي واپس پٽڙي تي نٿو آندو وڃي مستقبل ۾ وڌيڪ سياسي عدم استحڪام پيدا ٿيندو ۽ اهڙي استحڪام واري ماحول ملڪ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي جو ملڪ جا نوجوان خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. اها ڏاڍي خطرناڪ ڳالهہ آهي جو پاڪستان ۾ الائي ڪيترا اهڙا غريب آهن جن وٽ زندهہ رهڻ لاءِ ڪو مالي وسيلو ڪونهي. سپريم ڪورٽ جي بلند ۽ وڏي عمارت جيڪا مون تمام وڏي خرچ سان تيار ڪرائي هئي ۽ جنهن جو مون ئي افتتاح ڪيو هو. ان ۾ ويهڻ وارن ججن کي آزاد ۽ انصاف ڀريا فيصلا ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي.

مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ فوج مون واري ڪيس جي نئين سر ٻڌڻيءَ لاءِ واپس ان ئي عدالت ۾ موڪلڻ کي ترجيح ڏيندي، جنهن پهريان فيصلو ٻڌايو هو، ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ اڃا مون کي وڌيڪ تڪليفن کي منهن ڏيڻو آهي. هو وڌيڪ خصوصي عدالتون قائم ڪندا ۽ سياسي ادارا وڌيڪ ججن کي بليڪ ميل ڪندا. گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ اهو نٿي چاهيان. مون کي باعزت بري ڪيو وڃي. آئون پنهنجي اپيل ۾ اهو ئي چونديس تہ مون کي منهنجو حق ملڻ گهرجي. منهنجي اپيل اها آهي تہ مون کي باعزت آزاد ڪرايو وڃي. انصاف جو مذاق وڌيڪ نہ اڏايو وڃي. جيئن مون سان ۽ منهنجي پيءُ جي روح سان ڪيو ويو آهي. آئون انهن ماڻهن جي روحن کي پنهنجي آسپاس محسوس ڪريان ٿي، جيڪي صرف ان ڪري موت جي مُنهن ۾ ڏنا ويا جو قانون انهن کي وڌيڪ زندهہ رهڻ جي مهلت ڏين لاءِ تيار نہ هو. انهن بيچين روحن خاطر آئون پاڻ پنهنجي لاءِ انصاف جي اپيل ڪيان ٿي



www.bhutto.org

# نواز شريف جو ڏوهه

هڪ سال کان به گهڻ عرصو پهريان پنهنجي حيثيت جي برابر رهندڙ يعني اڳوڻي وزيراعظم کي مجرم قرار ڏيڻ کانپوءِ پاڪستان جي وزيراعظم نواز شريف کي خود به ڪراچي جي دهشتگردي توڙ عدالت عمر قيد جي سزا ٻڌائي. هو هاءِ جيڪنگ ۽ دهشتگردي جي ڏوهه ۾ ملوث قرار ڏنو ويو آهي.

پاڪستان ۾ نواز شريف جو ڪيس دنيا جي نظر جو مرڪز هو. چو ته مٿس جيڪي الزام هئا. انهن جي سزا موت به ٿي سگهي پئي. ملڪ جو نئون حڪمران جنرل مشرف پهريان ئي چٽي چڪو هو. هو انتقام وٺڻ وارو مزاج نٿو رکي. ڪيس جي ٻڌڻيءَ واري جج جنرل صاحب کي آزمائش کان بچائي ورتو ۽ موت واري سزا روڪي ڇڏي پر هو ملڪ کي تيزو تيڻ کان بچائي نه سگهيو.

چئن ڏهاڪن ۾ عدالتن چئن وزيراعظمن کي ڏوهي قرار ڏنو ۽ ڪنهن به ٻئي ملڪ جي مقابلي ۾ هيءَ هڪ انوکو ريڪارڊ آهي. ڪيس انهن ڪمزور جانشين ماڻهن تيار ڪيا جيڪي مخالفن کي سياسي منظر تان هٽائي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ گهرن پيا. مخالفن کي ختم ڪرڻ واري هر ڪارروائي هڪ نئون پينڊورا باڪس کولي ڇڏيو. جنهن سان ويچاري جي باقي بچيل ساک به ختم ٿي ۽ مستقبل وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويو.

منظر تان هٽائڻ جي پهرين عدالتي ڪارروائي پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ٿي. بنگالي وزيراعظم سهروردي جي مٿان ڪرپشن جو ڪيس هلايو ويو. ان تي الزام هو ته هن پنهنجي اثر رسوخ ذريعي هڪ ٺيڪو ڏنو. هو پنهنجي بيگناهي متعلق رڙيون ڪندو رهيو پر عدالت هن جي خلاف پري بيٺي هئي. هن کي نااهل قرار ڏيڻ سان ملڪ جي مشرقي حصي ۾ تلخي پيدا ٿي پئي، بنگالي عوام کي ناراض ڪرڻ ۾ اهو به هڪ اهم عنصر هو. جنهن جي ڪري 1971ع ۾ ملڪ ٻه اڌ ٿي ويو.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ متوقع وزيراعظم ڏوهي قرار ڏيڻ کان بچي ويو. اهو شيخ مجيب الرحمان هو. 1970ع واري چونڊ ۾ ڪاميابي ان جي ناڪاميءَ جو سبب بڻي. ڪيس غداريءَ جي الزام هيٺ جيل ۾ بند ڪيو ويو. ملڪ ٽٽي ويو. ان جي ڪري جنرل يحي مالڪ هوندي اقتدار ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. ان کانپوءِ ايندڙ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو. هڪ رحم دل شخص هو. هن شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪري ڇڏيو هو هڪ جائز مينڊيٽ وارو مقبول ليڊر هو ۽ ان کي عوامي حمايت حاصل ڪرڻ جي ٻاهرين سهارن جي ضرورت نه هئي، سندس عقيدو هو ته همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ سان زخم پرجي ويندا آهن ۽ نفرتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ اٿين ئي ٿيو. بنگالي عوام جي قتل عام جي باوجود هن ٽي سال پوءِ يعني 1974ع ۾ لاهور ۾ ملڪ جي مغربي حصي ۾ رهڻ وارن پاڻ سان مفاهمت ڪري ڇڏي.

ان جي باوجود هڪ انسان دوست وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ئي جان نشين جنرل ضياءَ جي عدم تحفظ واري احساس جو شڪار ٿي ويو، جڏهن جولاءِ 1977ع ۾ جنرل ضياءَ بغاوت ڪئي ۽ اقتدار تي قبضو ڪيو ته هن پنهنجي محسن تي قتل جو الزام هنيو ۽ ان ئي قتل جي الزام ۾ ڪيس موت جي سزا ڏني وئي.

ضياءَ کي اهو ڊپ هو ته جيڪڏهن عوام جو مقبول اڳواڻ وري اقتدار ۾ اچي ويو ته سندس مٿان غداريءَ جو ڪيس هلايو ويندو. پاڪستان جي آئين جي مطابق غداري جي سزا موت آهي. ضياءَ چوندو هو ته "هڪ ماڻهو هڪ قبر" يعني ان جو مطلب اهو هو ته هڪ کي مرڻو پوندو ۽ ٻئي کي زنده رهڻو آهي.

انصاف جي سلاٽر هائوس ۾ بين الاقوامي لعن طعن جي باوجود ضياءَ ڀٽو کي

خطي ۾ امن ۽ سلامتي بہ خطري ۾ پئجي سگهن ٿا. پاڪستان جيڪو دنيا ۾ واحد اسلامي ايٽمي ملڪ آهي ۽ غير مستحڪم افغانستان سان سندس سرحدون ملن ٿيون، سو بين الاقوامي برادري جي لاءِ پريشانيءَ جو باعث آهي.

عدالتي بحران ايڪيهين صدي جي شروعات ۾ پاڪستان کي درپيش چيلينجن جي عڪاسي ڪري ٿو. پاڪستان جي فوجي حڪمرانن جي لاءِ اهو ئي وقت آهي تہ هو گذريل ٽن مهينن جو جائزو وٺن. منفي تاثرن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو قدم کڻن. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن جرنيل اصلاح احوال جي لاءِ، سياسي اتفاق جي راءِ جي حصول لاءِ ڪو اشارو ڏين. ان اشاري کانسواءِ ملڪ جو مستقبل غير يقيني آهي.


www.bhutto.org

اڄ جو ڏوڙ شفافيت جو دور آهي. جنرل مشرف دفاعي خرچن ۾ گهٽتائي ڪري دلير اٿو قدم کنيو آهي ۽ تنقيد جي باوجود هو پنهنجي فيصلي تي قائم آهي. اهڙي طرح سندس مٿيون عمل وڏيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي پر حڪومت پنهنجي مقرر بجيٽ جي اندر رهڻ واري واعدي نڀائڻ ۾ ناڪام وئي آهي. فوجي پينشن واري بجيٽ کي آساني سان سول بجيٽ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح بجيٽ ۾ گهٽتائي سراب ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ آهي. اهڙي قسم جي سرابن کان بچڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان جي مسلح فوج کي نئين عالمي نظام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ فوج پاڻ کي جديد قدرن سان هم آهنگ ڪري، انهن قدرن ۾ وڌيڪ شفافيت نوآبادي طرز انداز کان بچڻ، غير سياسي ڪردار ۽ معاهدن جي شفافيت شامل آهي.

آخرڪار قوم کي ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي ڪرپشن جي معاملن ۾ اکيون بند رکڻ بدران. ڪولٽيون پونديون. ٽيڪس پيئرز سرٽيفڪيٽس جي ڪري ماڻهن پنهنجون رقمون لڪائي رکيون آهن. هيءَ حڪومت بہ ٽيڪس مٿان ٽيڪس لاڳو ڪري رهي آهي، جڏهن تہ حڪومت ڪرپشن جي خاتمي لاءِ بہ واويلا ڪري رهي آهي، اهڙي طرح بهتريءَ جي اميد ڪيئن ٿي ڪري سگهجي. احتساب جي طرز تي ڪرپشن جي تحقيق جي لاءِ نظام جي ضرورت آهي. عهدي تي رهڻ واري حق ۽ پڇاڳاڇا ڪرڻ واري حق جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ضروري آهي. ڪرپشن جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ مرض جيان وڌي رهي آهي، جيستائين ڪو اهڙو نظام واضح نٿو ڪيو وڃي جنهن سان عام پاڪستانين کي اميگريشن ۽ ڪسٽم جي ذريعي لٽجڻ کان نٿو بچايو وڃي، ڪرپشن وڌندي رهندي.

ايندڙ ڏهاڪن ڏانهن قدم وڌائڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ ماضيءَ کي وساريو وڃي، ان جو مطلب اهو آهي تہ ڊگهي عرصي کان اسان جيڪا تعصب جي عينڪ پايو ويٺا آهيون ان کي لاهي ڦٽو ڪرڻ گهرجي ۽ سياسي گروهن جي وچ ۾ تعصب موجود آهي انهن کي ختم ڪرڻ گهرجي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سياسي حڪومت کي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ ان جو جائزو ان جي شخصيت بدران سندس ڪارڪردگيءَ جو ورتو وڃي. اسان شخصيتن متعلق هڪ خبط جو شڪار آهيون ۽ انهيءَ خبط ئي حڪومتن جي ڪارڪردگي کي نظرن کان اوجهل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن حڪومت جو عروج ۽ زوال، شخصيت ۽ تعصب جي بدران ڪارڪردگي جي تابع هوندو آهي. تڏهن وڃي پاڪستان ترقيءَ جي عروج تي پهچندو. جنهن جو نظارو سڀ ماڻهو ڪندا.



www.bhutto.org

هڪ نئون وزيراعظم اقتدار سنڀالي ٿو.

ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته ڪرپشن اڃا وڌندي. وزارت عظمي جي لاءِ ايندڙ اميدوار موجود وزيراعظم کي هر وقت پنهنجي گهيري ۾ رکندو. ان کان ته چڱو هو ته اڪثريت ۽ اقليت جي وچ ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ پارليامينٽ جي ميمبرن تي ٿي انحصار ڪيو وڃي. اهڙي طريقي سان پارليامينٽ جا ميمبر شرمناڪ قسم جون گهرون ڪري سگهن ٿا، جنهن سان بدعنواني ۽ ڪرپشن پڻ وڌندي. ان سان خارجه پاليسي به متاثر ٿيندي، ڇو ته غير ملڪي حڪومتون هڪ بي يارومددگار وزيراعظم سان معاملا طئي ڪنديون جنهن جي مٿان هر وقت صدر جي طرفان معزوليءَ جي ڊپ جي تلوار لڙڪيل هوندي. ان سان پارليامينٽ جا ميمبر هڪ طاقتور شخص جي حڪم تي امناصدقنا عمل ڪندا ۽ موٽ ۾ وڏيون وڏيون پگهارون ۽ رعايتون حاصل ڪندا، ان سڄي تماشي فوج جي پيشوراڻي صلاحيتن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هڪ وقت هو جڏهن بطور هڪ اداري جي پاڪ فوج جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. ڇو ته اڳ ۾ سندس طور طريقو ساراهڻ جوڳو هو. اليڪشن بنا ڪنهن دٻاءُ ،ڌانڌليءَ جي ٿيندي هئي پر هاڻي اها ڳالهه ناهي، ڇو ته اها فوج ٿي آهي جنهن هڪ هر دلعزيز وزيراعظم کي ڦاهي ڏني ۽ پنهنجون سياسي پارٽيون ٺاهڻ لڳي اليڪشن جي نتيجن کي پنهنجي مرضي مطابق ٺاهڻ لڳي. قومي آدمشماري ۾ به جوڙ توڙ کان ڪم ورتو ويو. سياچن ۽ ڪارگل ۾ وڏو نقصان پهچايو ۽ ذاتي فائدي لاءِ زرعي ۽ ڪمرشل زمين پنهنجي قبضي ۾ ڪئي.

هڪ آمر صدر پنهنجي مرضي مطابق وزيراعظم کي نه ڏسي ڪيس ڪنهن سخت آزمائش ۾ وجهڻ سان گڏ ٻيو به گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. هو اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪرائي سگهي ٿو. اليڪشن ڪميشن ۽ عدليا جي عهديدارن کي پنهنجي مرضي مطابق تبديل ڪري سگهي ٿو. اهڙي منصوبه بندي ۽ اصلاحن کانپوءِ فوج پنهنجي مرضي مطابق چونڊ ڪرائي سگهي ٿي.

ماضي جا تجربا ٻڌائين ٿا ته عوام اهڙين چونڊن جو بائيڪاٽ به ڪيو، 1985ع ۾ جڏهن جنرل ضياءَ ريفرنڊم ڪرايو ته 5 سيڪڙو کان به گهٽ ماڻهن ووٽ جو استعمال ڪيو. اهڙي طرح 1997ع وارين متنازع چونڊن ۾ به صرف 16 سيڪڙو عوام ووٽ وڌو. باقي ماڻهن خاموشي اختيار ڪري احتجاج ريڪارڊ ڪرايو. ماڻهن جي اهڙي احتجاج کان بچڻ لاءِ منصوبي جي مطابق اصلاحن ذريعي ووٽ وجهڻ لازمي قرار ڏنو ويندو ۽ پوءِ ووٽ ڏيڻ واري کي جيل پيڙو ڪيو ويندو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته اختلاف رکڻ وارن کي قيد ڪرڻ جي لاءِ نوان جيل ٺاهڻا پوندا. ان کان به وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ائين ڪرڻ سان ووٽ پنهنجي مرضيءَ سان وجهڻ وارو حق به کسيو ويندو. اهو حق اهڙو حق آهي جيڪو بنيادي انساني حقن ۾ شمار ٿئي ٿو.

فوجي حڪومت جو مقصد اهو آهي. يعني فوج کانسواءِ باقي ٻيا سڀ ادارا مفلوج هجن. سياسي پارٽيون به ته اداري جي حيثيت رکن ٿيون، جن 54 سالن جي تاريخ ۾ چٽن مارشل لائن جو مقابلو ڪيو آهي، هينئر فوجي بالادستيءَ کي سياسي پارٽين کان جيڪو خطرو آهي، ان کي منظم طريقي سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. فوج اليڪشن ڪميشن جي ذريعي سياسي پارٽين جي اندروني طريقيڪار لاءِ نوان قانون جوڙي ميل جول واري حق ۾ مداخلت ڪري رهي آهي. منصوبي مطابق اليڪشن ٽن سالن کانپوءِ ٿيندي ۽ سياسي پارٽين کي


www.bhutto.org

جي پارٽي جي ذريعي آئين کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نواز شريف به پيرا مذهبي حڪومت جي قيام جو اعلان ڪيو. سينيٽ ۾ آئيني اڪثريت نه هجڻ ڪري هو ائين نه ڪري سگهيو. اپوزيشن ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي رکيو. نواز شريف طالبان جي تعريف ڪندو رهيو ۽ گڏو گڏ اهو واعدو پڻ ته جڏهن به کيس سينيٽ ۾ اڪثريت ملي ته هو مذهبي حڪومت جو اعلان ڪندو. هن به دفعا اهڙي ڪوشش ڪئي ۽ ٻئي دفعا معزول ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ هڪ دفعو پهريان به بنياد پرستن مذهبي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن 1995ع ۾ جونيئر آفيسرز انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي وقت سر ناڪام بڻايو ويو هو. ان انقلاب جي اڳواڻي برگيڊيئر مستنصر ڪئي هئي. هاڻ وري ملڪ کي مذهبي رياست ناهڻ لاءِ جنرل مشرف سان اميدون وابسته ڪيون ويون آهن پر حقيقت ۾ اهو نظريو اڪثريت جي حامي معاشري ۾ موجود عنصر کي ٻي پاڙو بڻائڻ لاءِ هڪ چال آهي ته جيئن آئيني آمريت کي عمل ۾ آڻي سگهجي، جنهن ڪانپوءِ طالبان طرز حڪومت جي شڪل ڏني وڃي. جنهن جي قيادت هڪ ڳجهو ملا عمر ڪندو. اهو عمل نه صرف پاڪستان جي عوام پر ڏکڻ ايشيا توڙي اسلامي دنيا لاءِ به خطرناڪ آهي.



www.bhutto.org

هيون اهي بہ هلي نہ سگهيون. سچو قومي مزاج تلخيءَ جو شڪار آهي. ڪاوڙ ان ڳالهہ تي آهي تہ پاڪستان جيڪو ڪڏهن فرنٽ لائن اسٽيٽ هو، ان جي حڪمرانن بدانتظامي جو مظاهرو ڪيو ۽ هو گذريل صديءَ وارا ايف 16 بہ حاصل ڪري نہ سگهيا.

هر شڪست کي قرباني جي ٻڪري جي ضرورت پوندي آهي. هاڻ جڏهن مشرف سياسي اڳواڻن تي الزام هڻي رهيو آهي پر هو فوجي آفيسرن ۽ جوانن تي اهو الزام نٿو هڻي سگهي. هڪ قوم ۽ هڪ فوج جنهن افغانستان ۾ طالبان جي پاليسي جي حمايت ڪئي ۽ انهن جي مذهبي گروپن جي مدد ڪئي هاڻ ان ڳالهہ جو جواب ڳوليو پيو وڃي تہ آخر غلطي ڪٿي ٿي آهي.

جيڪڏهن اهو چيو وڃي ٿو تہ ڪارگل واري مسئلي تي جهڙي طرح نواز شريف کي ڊڪٽيٽ ڪرايو ويو تہ اهو فوج جي مورال ۽ عزت ۽ وقار لاءِ خطري جو باعث ٿيندو. هاڻ غلط پاليسين کي ڇڏڻ کانپوءِ هڪ قرباني جو ٻڪرو گهرجي. فوجي حڪومت کي گهرجي تہ هاڻ اها قرباني پاڻ پيش ڪري.

عوام کي اهو خدشو آهي تہ پاڪستان ۾ وڏيڪ خرابيون پيدا ٿينديون. ان خطري کي دل ۾ محسوس ڪيو پيو وڃي تہ افغانستان خلاف جنگ. پاڪستان ۾ مدرسن جي خلاف جنگ جي شڪل نہ اختيار ڪري وڃي. فوجي حڪومت انهن حالتن کي فوج جي مقصدن جي تبديلي لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي ۽ فوج کي سياسي مقصد کان پري ڪري ايڪيهين صديءَ ۾ دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

پاڪستاني فوج جو اميج بدلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ هو پاڻ کي ڊڪٽيٽرشپ کان پري ڪري ۽ عوام سان ٽڪراءَ ۾ نہ اچي. پاڪستان، پاڪستاني آئين ۽ چونڊيل حڪومت کي مڃاهون رکي. چو تہ ائين ڪرڻ سان فوج جو اميج بهتر ٿي سگهي ٿو. گڏو گڏ ورديءَ پهريل فوج جو وقار ۽ ڪردار بہ بلند ٿي سگهي ٿو.

پاڪستاني فوج جي نئين مقصد جو رشتو هڪ نئين ماحول سان لاڳاپيل آهي، جنهن سان پاڪستان جا نيو ڪليئر اثاثا بہ محفوظ رهي سگهن ٿا. ان خدشي جو اظهار بہ ڪيو ويندو آهي تہ پاڪستان جا ائٽمي هٿيار مذهبي انتهاپسندن جي هٿ بہ چڙهي سگهن ٿا ۽ برگيڊيئر مستنصرباللہ جي طرفان بغاوت واري ڪوشش بہ انهن خدشن کي جنم ڏ[illegible] لاءِ ڪافي آهي.

جنرل مشرف ،جنرل محمود ۽ جنرل عثماني کي هٽائي ڇڏيو آهي پر انهن کي هٽائڻ جي پويان ڪا اصلاح واري پاليسي بہ لاڳاپيل ناهي. جنرل مقبول جي هاٿوڪي تقرري بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪري ٿي، جنرل مقبول، جنرل رحيم الدين جو اڳوڻو ملٽري سيڪريٽري رهي چڪو آهي. جنرل رحيم سوويت يونين جي خلاف جهاد ۾ بلوچستان انچارج هو.

1979ع ۾ سوويت يونين جي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ فوجي اسٽيبلشمينٽ افغانستان جي سياسي صورتحال ۾ ملوث رهي آهي. 2001ع ۾ حامد ڪرزئي نگران حڪومت جي سربراهہ جي حيثيت سان قسم کڻڻ کانپوءِ پاڪستاني فوج جو ڪردار ختم ٿي ويو آهي.

پاڪستان جي حفاظت لاءِ حد کان وڌيڪ ڳڻتيءَ واري ايجنڊا پاڪستان جي اقتصاديات کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ وري ڪجهہ ماڻهو ان ڳالهہ تي روئي رهيا آهن تہ افغانستان ۾ طالبان حڪومت جنهن گهري حڪمت عمليءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي يا واعدو ڪيو هو اها ختم ٿي وئي يعني پاڪستاني عوام جي



www.bhutto.org

بگاڙي ماهر اهڙي طريقي سان پيش ڪن ٿا. جيئن هو چاهين ٿا. پر جيڪڏهن معاشي سگهه کي سامهون رکي ڏٺو وڃي ته اسان کي انهن انگن اکرن ۾ ڪا به سچائي نظر نٿي اچي.

سچ ته اهو آهي ته اسين معاشي بدحالي جو شڪار ٿي چڪا آهيون. اسان جي معاشي حالت ريل جي انجڻ جهڙي ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ ٻاڦ آهي ئي ڪونه. اسان هٿرادو طريقي سان ان کي گهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ان سموري صورتحال جو ذميوار مسٽر شوڪت عزيز آهي. جيڪو ريل جي انجڻ کي هلائڻ لاءِ جديد ۽ سائنسي طريقا استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ملڪ جي مٿان قرض جو تمام وڏو بوجهه آهي ۽ ملڪ تباهي جي ڪناري تي اچي پهتو آهي. حالتن ۾ بهتري جي بدران ڏينهون ڏينهن ابتري ايندي پئي وڃي. ان جو سبب اسان جي ڪرندڙ معاشي ساک پٽ آهي. اسان کي سياسي تبديلين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن کي نظر ۾ رکڻو پوندو ۽ ماضي. حال ۽ مستقبل جي فرق کي سامهون رکي فيصلو ڪرڻو پوندو. بجيٽ کي اڄ به ڪارڪردگيءَ جو پيمانو . عمل جي قوت ۽ حڪومت هلائڻ جي باري ۾ حڪمت عملي جو مظهر سمجهيو ويندو آهي. بجيٽ اڄ به پراڻي قسم جي ترجيحن مطابق مرتب ڪئي وڃي ٿي. جنهن سان حڪومت وٽ پنهنجن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ امڪان گهٽجي وڃن ٿا

پيو مسئلو غيريقيني صورتحال جو آهي. هڪ ڊگهي عرصي کان بجيٽ تخمينو غيريقيني صورتحال جو شڪار آهي. ان جا ٻه سبب آهن هڪ ته ملڪي معيشت خود غيريقيني جو شڪار آهي ۽ ٻيو ته فوجي حڪومت جون تبديليون ۽ جزوي ترجيحون وڏين معاشي ترجيحن ۾ بدلجي چڪيون آهن. بجيٽ جي حالت ان غيريقيني واري ڪيفيت سان ڪنهن به طرح ڪلهو پيچي نٿي بيهي. بجيٽ جا ضابطا ۽ قانون به ان ڪيفيت کان ڇوٽڪارو ڏياري نٿا سگهن.

ان غيريقيني صورتحال کان ڇوٽڪارو ممڪن آهي پر شرط آهي ته ان لاءِ ڪجهه ڪوششون وٺڻيون پونديون. مثال طور سياسي استحڪام لاءِ تبديلين کي واضح ڪرڻو پوندو. جتي موقعا موجود هجن. اتي معاشي معاملن جي ترجيحن کي ترڪ ڪرڻ گهرجي. عام طور تي موقعن جي حاصلات جي لاءِ منديون سازگار هونديون آهن. ٽيون مرحلو مالي شعبن جي متعلق آهي. بجيٽ ۾ ٻن معاملن کي روايتي چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ هڪ اهو ته ٽيڪس جي دائري کي وڌائجي ۽ ٻيو اهو ته حڪومتي خرچن کي گهٽائجي. پاڪستان ۾ هميشه اهو جهيڙو هلندو رهي ٿو ته ٽيڪس ڪير ڏيندو ۽ ان مان فائدو ڪير حاصل ڪندو. ٽيڪس جو بوجهه ڪيئن گهٽائجي؟



www.bhutto.org

تقاضائن جي فهرست پيش ڪري سگهن. اهو هڪ اسٽڊي ڪيس پڻ آهي، جو ته جرنيلن کي سرحدن تي نظر رکڻ کپي ۽ سياستدانن کي ڊپلوميسي ذريعي معاملا حل ڪرڻ گهرجن.

پاڪستان جي سوچ مطابق، ڪشمير مرڪزي معاملو هو. جڏهن ته هندوستان جي سوچ ڪجهه ٻي هئي، ڏؤري جو مقصد ڏوري کي گهٽائڻ هو. ان ڪانفرنس مان جيڪا شيءِ حاصل ٿي به آهي ته اها جنرل مشرف دهلي وارن کي هڪ موقعو فراهم ڪيو آهي ته هو ڪشمير واري مسئلي جي سلسلي ۾ پاڪستان جي مؤقف سان موازنو ڪري سگهن. 1993ع ۾ پارتي سفارتڪار ڊڪشٽ سائپرس ۾ ٿيندڙ دولت مشترڪه واري ڪانفرنس ۾ پاڪستان کي پيشڪش ڪئي هئي ته ڪشمير کي هڪ الڳ ايجنڊا جي طور تي کنيو وڃي. تڏهن کان پارت ڪشمير کي بنيادي مسئلي جي طور تي تسليم ڪرڻ لاءِ رضامند رهندو پيو اچي پر ان جهڳڙي جو مطلب پاڪستان واري نقطه نظر کان مختلف هو. پاڪستان ۾ حڪومت ۽ پرڏيهي آفيس جي مستقل نه رهڻ جي ڪري اها اهم پيش رفت نظر انداز ٿيندي رهي آهي.

مسودي ۾ موجود لفظن تي ڏيان ڏيڻ سان وڏي تصوير تان ڏيان هٽي وڃي ٿو. ڊپلوميٽ عام طور تي اهڙي جوڙ توڙ ڪاميابي سان ڪري وٺندا آهن. موجوده تصوير جوهري طاقت جي مالڪ جي ٻن رياستن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي ظاهر ڪري ٿي. جڏهن ته ٻئي ملڪ ٽي خطرناڪ جنگيون به وڙهي چڪا آهن ۽ واديءِ ڪشمير ۾ لائن آف ڪنٽرول تي اڃان به ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي. ڳٽنيءَ ۾ مبتلا عالمي برادري ٻنهي ليڊرن کي مجبور ڪيو آهي ته هو ڳالهين جي ميز تي اچن ته جيئن ڏکڻ ايشيا ۾ ٽينشن کي گهٽائي سگهجي.

ڪجهه ماڻهن جو خيال اهو هو ته شيرواني پاتل جنرل مشرف امن قائم ڪرڻ واري فرد جي طور تي سامهون آيو آهي پر سندس ماضيءَ ۽ فوج تي دارومدار رکڻ، سندس راهه ۾ رڪاوٽ جو سبب رهيا. هن وٽ ميندبيت به ڪونه هو ۽ پنهنجي قوم جي سڀ کان اعليٰ عهدي تي فائز ٿيڻ جو خواهشمند هو. هن جي ڪلهي تي ڪارگل آپريشن دوران 3 هزار سپاهين جي موت جو بار پڻ آهي. جيستائين سندس ايجنڊا، عزم، فوج، آمريڪا ۽ افغانستان جو تعلق آهي ته مشرف پنهنجا ڪارڊ سٺي نموني کيڏيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو رات جو ئي واپس اچي ويو آهي. چمڙاپوشي ڪمانڊو جي ٻي فطرت ٿيندي آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ان جو خوب استعمال ڪيو ويو. هن شيرواني ۾ اتي لينڊ ڪيو. اهڙي طرح هن هڪ فوجي کي لڪائي ڇڏيو. جنهن سان ذاتي طور تي هو پارت خلاف ٻن محاذن تي وڙهيو. پوءِ وري جلد ئي شيرواني جي جاءِ نندين ٻانهن واري شرٽ والاري. پيغام اهو هو ته ”مان پنهنجي گهر ۾ آهيان ۽ آرام واري حالت ۾ آهيان. توهان مون تي اعتماد ڪري سگهو ٿا.“

هندوستاني صدر به اهو ئي چيو. پنهنجي تقرير هن جنرل مشرف کي هندوستان جي ممتاز ۽ معتبر سپوتن مان هڪ قرار ڏنو. جيڪو اڌ صديءَ کانپوءِ پنهنجي شهر جي ڏؤري تي آيو. ”خيالن کي بدلائڻ لاءِ اهو هڪ حيرت انگيز عمل هو.

اهو ماڻهو جنهن جي ڪارگل آپريشن جي ڪري ڪيترن ئي هندوستاني سپاهين کي پنهنجي جانين جون قربانيون ڏيڻيون پيون، هن وقت معزز ۽ ممتاز سپوت جي طور تي قبول ڪيو ويو، جڏهن هن لچڪدار ٿيڻ لاءِ رضامندي جو اشارو ڏنو. موقعو ملڻ تي جنرل مشرف آل پارٽيز ڪانفرنس جي ليڊرن سان پڻ ملاقات ڪئي. اهو هڪ قسم جو پنهنجائپ جو اظهار هو. هن پارتي وزيراعظم جي پڻ تعريف ڪئي ۽ هن لاءِ عزت ۽ احترام جو اظهار ڪيائين. هن چيو ته هو اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. جنرل مشرف ان وقت تائين نمائشي انداز اختيار ڪيو. جيستائين رات جي وقت هن جي تحمل واري قوت ٽٽڻ نه لڳي. هن ڪانفرنس جي دؤران عالمي ڌيان ۽ نيڪ خواهي حاصل ڪئي. هن صدارت تي قبضو جمائڻ لاءِ مختلف طاقتن کي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي ماتحت ڪرڻ.

# هڪ جنرل جي شڪست

هلندڙ مهيني جي شروع ۾ پاڪستان جي فوجي ڊڪٽيٽر ريفرينڊم ذريعي پاڻ کي ملڪ جو صدر چونڊرائي پنهنجو عهدو برقرار رکڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن جي هڪ جج احتجاج ڪندي اهو چئي استعيفا ڏئي ڇڏي ته ريفرينڊم غير آئيني آهي. پاڪستان بار ايسوسيئيشن، پريس ۽ سياسي جماعتن به ان ريفرينڊم کي غير آئيني قرار ڏنو ۽ ريفرينڊم مهم هلائڻ لاءِ سرڪاري فنڊ مان پئسو خرچ ڪرڻ باوجود جنرل صاحب کي لاتعلق ماڻهن جي سرد مهريءَ کي منهن ڏيڻو پئجي ويو.

جنرل مشرف جي شخصي سياست سندس حامين ۽ مخالفن جي وچ ۾ ڇڻ واريءَ تي لڪير پائي ڇڏي آهي، جيڪڏهن هو آرمي جي وردي لاهي ٿو ڇڏي ته سندس حصي ۾ ووٽ به صرف سندس ذات جو ئي پلئه پوي ٿو. عقل جي ڳالهه ته اها هئي ته پاڪستان جي مستقبل جي رخ جو تعين هڪ رياست جي طور تي ڪري ها، جنهن جو مقصد پنهنجي پاڙيسرين سان امن امان قائم رکڻ ۽ عوام جي خوشحالي هجڻ گهرجي ها!

ڪنهن به امڪاني جهيڙي جو احساس ڪندي اپوزيشن ريفرينڊم جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو. اپوزيشن مشرف کي چيو ته جيڪڏهن ووٽن جو ٽرن آئوٽ 50 سيڪڙو کان گهٽ اچي ته هو اقتدار سپريم ڪورٽ جي جسٽس جي حوالي ڪري ڇڏي پر جنرل اها ڳالهه رد ڪري ڇڏي، جنهن سان ان شڪ جي پڪ ٿئي ٿي ته بظاهر هن عوام جي سامهون ڪاميابي جو اعلان ته ڪري ڇڏيو آهي پر عوام تي ڪيس ڪو گهڻو اعتماد به ڪونهي.

هن ريفرينڊم پاڪستاني معاشري ۾ هڪ اهڙي وقت انتشار واري ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي، جڏهن دهشتگرديءَ جي خلاف بين الاقوامي مهم هڪ خطرناڪ ۽ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي. پاڪستان جي دل پنجاب ۾ القائده جا ڪارڪن ڪٿي لڪل آهن يا وري اتان ٿي پوءِ ڪنهن ٻي جاءِ تي ويا آهن. جنرل صاحب ڪيترن ئي مهينن تائين اها دعوي ڪندو رهيو ته پاڪ – افغان سرحد تي فوجي چوڪيون قائم ڪري انهن جي فرار ٿيڻ جا رستا بند ڪري ڇڏيا اهن.

آمريڪي ۽ برطانوي فوجي افغانستان جي پهاڙي علائقن ۾ ڳولا ڪري رهيا اهن ۽ گوريلا مزاحمت کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته هڪ بين الاقوامي فوجي ڪمانڊر پاڪستاني علائقن ۾ به ڳولا جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. ان سان گڏ وچ اوڀر به شعلن جي لپيٽ ۾ آهي ۽ پوري عالم اسلام جا مسلمان غم ۽ غصي جو اظهار ڪري رهيا آهن. واشنگٽن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنجاهه هزار مسلمان بازارن ۾ نڪري فلسطيني علائقي ۾ اسرائيل جي قبضي خلاف احتجاج ڪيو آهي.

هندوستاني ۽ پاڪستاني فوجون سرحد تي پنهنجي توپن ۽ ميزائيلن جو هڪٻئي ڏانهن رخ ڪري بيٺا آهن، جيڪڏهن هن ڀيري پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ته پوءِ دنيا هڪ وڏي تباهي جو نظارو ڪندي.

جنرل مشرف شايد دعوي سان اهو چئي سگهي ٿو ته هن وقت بين الاقوامي طور تي ٿيندڙ حمايت جي ڪري هو اولهه جي لاءِ نهايت ضروري آهي پر جيڪڏهن هو ان نازڪ موقعي تي پاڪستاني معاشري ۾ موجود تضادن ۽ رجحانن کي ختم ڪري ٿو نه اهو هن لاءِ خوفناڪ قسم جو قدم ثابت ٿيندو. هن وقت پاڪستان جون



www.bhutto.org

قومي ۽ صوبائي اسيمبليون معزول آهن. چونڊيل صدر کي بہ گهر موڪليو ويو آهي، آئين بہ معطل آهي، سياسي پارٽين کي پريشان ڪيو پيو وڃي. سياسي ليڊرن کي مملڪت جي سرپرستي ۾ غير فطري انصاف جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. سياسي اڳواڻن مٿان پابندي آهي. بس صرف انهن ماڻهن کي آزادي آهي. جيڪي آمريت جي حمايت ڪن ٿا.

پاڪستان ۾ اڄ بہ جمهوري ۽ انساني حقن جي صورتحال اها آهي جيڪا ويهہ سال اڳ جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ هئي. هن بہ پنهنجي آمريت کي تحفظ ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي اهميت کي آمريڪا جي لاءِ افغانستان ۾ استعمال ڪيو. هاڻ وري جنرل مشرف پاڪستان جي تحريري آئين جي خلاف ورزي ڪندي اعلان ڪيو آهي تہ هو 30 اپريل تي ريفرينڊم ڪرائيندو تہ جيئن بعد ۾ ٿيندڙ اليڪشن جي نتيجن کان قطع نظر سندس فوجي آمريت کي پنج سال وڌيڪ توسيع ملي سگهي.

مشرف جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ هو جمهوريت ۽ پاڪستاني عوام جي انساني حقن جي قرباني ڏئي ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن اقتدار پاڪستاني عوام جي حوالي نہ ڪيو ويو تہ افغانستان جي تباهي سندس پاڙيسري ايٽمي طاقت (پاڪستان) لاءِ هڪ وڏي تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

جيڪڏهن جنرل مشرف ملڪ جي جمهوري مستقبل جو حصو ٿيڻ چاهي ٿو تہ پوءِ کيس گهرجي تہ هو پنهنجو پاڻ کي آئين مطابق چونڊرائي.

پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۾ ريفرينڊم جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي هلي رهي آهي. ڪورٽ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪري سگهي ٿي تہ ريفرينڊم هڪ توثيق تہ ٿي سگهي ٿو پر چونڊ نہ!

هڪ بصيرت ڀرئي جنرل کي علم هجڻ گهرجي تہ هٿيار ڪڏهن ۽ ڪٿي ڦٽا ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جو جنرل صاحب تہ پهريان ئي 1999ع ۾ بهار واري موسم ۾ ڪارگل جي پهاڙ تي پنهنجي طور هار کائي موٽيو آهي، جڏهن هندستان ۽ پاڪستان ويجهو اچي چڪا هئا، هن لاءِ هاڻ اهو موقعو آهي تہ پاڪستاني عوام جي راءِ جو احترام ڪندي هو هڪ ڏينهن ٻيهر هٿيار ڦٽا ڪري ۽ اقتدار عوام جي حوالي ڪري ڇڏي. ائين ڪرڻ سان هو اخلاقي فتح سان هم ڪنار بہ ٿي سگهندو ۽ تاريخ بہ کيس ياد رکندي. باقي هڪ ڪوڙي ريفرينڊم مان هن کي ڪجهہ بہ حاصل ٿي نہ سگهندو.



www.bhutto.org

ٽريڊ سينٽر جي جاڙي ٽاور تي ٿيل حملي کانپوءِ جيڪا جنگ شروع ٿي هئي، ان جنگ جي شروع ٿيڻ کانپوءِ ان ڳالهه جو به امڪان هو ته جنگ سرينگر ۾ به شروع ٿي ويندي جنهن جي پويان هٿ به ويڙهاڪ پسندن جو ئي هجي ها. جيڪي پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ ۽ محاذ آرائي کي وڌائڻ جو پڪو پهه ڪري چڪا آهن.

بين الاقوامي برادري جي طرفان هڪ بنيادي غلطي اها ٿي ته هن اهو نتيجو ڪڍيو ته هڪ فوجي آمر پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ کي گهٽائي سگهي ٿو يا وري انتهاپسنديءَ جي انهن لهرن کي روڪي سگهي ٿو. جيڪي هاڻ هن خطي ۾ وتين کي وڌائي رهيون آهن. بين الاقوامي برادري جي ٻي وڏي غلطي اها هئي ته اُها اندروني علائقائي تنازعن ۽ دهشتگردي جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي اهليت نٿي رکي. اسرائيلي اٿارٽي تي داٻو ڪرڻ لاءِ اسرائيلي وزيراعظم ايرل شيرون تبديل ٿيل تصور کي استعمال ڪرڻ چاهيو ته وچ اوڀر جي صورتحال نهايت ئي ڳنڀير ٿي وئي.

هاڻ ٻارت به ساڳي غلطي ڪندي نظر اچي رهيو آهي. درحقيقت نائن اليون کانپوءِ دنيا سياسي حل جي بدران فوجي حل ڏانهن مائل نظر اچي ٿي.

ڀارت سرڪار طرفان اهڙيون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن ته محدود فوجي حملن ذريعي پاڪستان جي ڪنٽرول هيٺ ڪشمير واري علائقي ۾ ٽريننگ ڪئمپن کي ختم ڪيو وڃي. لائن آف ڪنٽرول جي ٻريان کان هوائي فائرنگ زور شور سان جاري آهي. لائن آف ڪنٽرول جي ويجهو رهندڙ ڳوٺاڻا ان مصيبت جي ڪري پنهنجا علائقا ڇڏي رهيا آهن. چاڪاڻ ته پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ چوٿين جنگ جا امڪان ڇٽا آهن.

اهو هڪ تباهي وارو منظر آهي. اولهه وارن ملڪن پنهنجي سفارتڪارن کي ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ هن خطي ۾ موڪليو. جنرل مشرف کي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ هڪ وڏي اميد جي طور تي تصور ڪيو پيو وڃي پر هاڻ ته اها اميد به پوري ٿيندي نظر نٿي اچي. سندس دور ۾ انتهاپسندي. ويڙهه ۽ علائقائي ڇڪتاڻ ۾ جيئن پوءِ تيئن اضافو ٿيو آهي.

هن آگري ۾ هندوستان سان اعتماد واري فضا کي موافق بڻائڻ وارو موقعو وڃائي ڇڏيو. ڪيس ڪارگل واري ڪشمڪش جو روح روان سمجهيو وڃي ٿو. ان ئي ڪشمڪش جي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ هندوستان جنگ جي ويجهو اچي پهتا هئا. سندس سياست اندروني سياسي قوتن جي خلاف عملي مخالفت تي اڀاري ٿي جنهن سان ملڪ ۾ انتشار وڌي رهيو آهي. ان تاريخ کي مدنظر رکندي ان ڳالهه جو امڪان آهي ته ڳالهين جي تجويز ان سفر کي روڪيندي جيڪو جنگ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ شروع ٿي چڪو آهي.

جنگ جي امڪان کان بچڻ لاءِ هڪ رستو موجود آهي ۽ اهو آهي حڪومت جي تبديليءَ جو. پاڪستان ۾ حڪومت جي تبديلي سان نئين آغاز جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. اهڙي تبديلي پاڪستان آرمي جي آفيسر ڪورز جي ذريعي ئي ممڪن آهي. هو جنرل مشرف کي استعيفي ڏيڻ جي لاءِ چئي سگهن ٿا. ان سان نئين حڪومت کي صاف ذهن سان اعتماد پيدا ڪرڻ وارين ڳالهين جو موقعو ملي سگهي ٿو

ائين هڪ دفعو اڳ به ٿي چڪو آهي. ١٩٧١ع ۾ پاڪستان آرمي جي سينيئر آفيسرن فوجي آمر جنرل يحيٰ خان کي استعيفا ڏيڻ لاءِ چيو. جنرل انهن جي ڳالهه



www.bhutto.org

مجي جنهن سان نئين حڪومت جي تشڪيل ۾ آساني ٿي ۽ پوءِ نئين حڪومت ٽڙيل پکڙيل ٽڪرن کي ميڙي گڏ ڪيو.

ان نئين حڪومت ١٩٧٢ع ۾ شملہ معاهدي تي صحيحون ڪيون ۽ ان ئي معاهدي تحت ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪافي عرصي تائين امن رهيو. ايستائين جو ١٩٩٨ع ۾ ٻنهي ملڪن ايٽمي ڌماڪا ڪيا. ١٩٩٨ع کان اڄ تائين ٻئي ملڪ جنگ جي ڪناري تائين پهچندي رهجي ويا آهن.

اطلاع آهن تہ ڪور ڪمانڊر ائين ڪري بہ سگهن ٿا. شروع ۾ انهن متنازع ريفرينڊم ۾ مخالفت ڪئي جيڪو جنرل مشرف پاڻ کي صدر چوندرائڻ لاءِ منعقد ڪيو هو. هاڻ جڏهن اهي ڪمانڊوز اولهہ ۽ اوڀر وارين سرحدن تي ٽڙي پکڙي ويا تہ پوءِ هڪ ئي وقت ٻنهي محاذن کي سنڀالڻ ڏکيو ٿي پوندو. پاڪستان جي اهم ۽ طاقتور حليف آمريڪا جو نقطہ نظر بہ بنيادي اهميت جو حامل آهي. آمريڪا جنرل مشرف جي ڪلي حمايت ڪري رهيو آهي. صدر بش ڪيس پنهنجو دوست سڏيو آهي، هاڻ هن کي اهڙي ماڻهو جنهن کي هو پنهنجو دوست سڏي ٿو ۽ محدود جنگ جي خطري. جيڪا بي قابو ٿي سگهي ٿو. ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻو پوندو.

هندوستان فوجي ايڪشن شروع ڪرڻ کان اڳ اهڙو تاثر ظاهر ڪندو تہ ڪيس آمريڪا جي حمايت حاصل ناهي. اصل ۾ هندوستان کي ايڪشن جي آزادي ان کان بہ وڌيڪ هوندي جيتري ڪارگل جنگ دؤران پاڪستان کي حاصل هئي. ان وقت صدر ڪلنٽن قرضن ۾ قاٿل پاڪستان کي آئي ايم ايف جو يرغمالي بڻجڻ لاءِ چيو هو. صدر بش جي لاءِ اها ڳالهہ هندوستان کي چوڻ ڏکي لڳندي، ڇو تہ هندوستان جي معيشت گهٽي پاڳي آزاد آهي. صدر بش جي هٿ ۾ هڪ اهڙو هٿيار آهي، جنهن سان هو هندوستان کي روڪي سگهي ٿو. اهو هٿيار ڪشمير جي مسئلي تي ٿياڪڙيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻ وارو آهي، جڏهن تہ هندوستان ان مسئلي تي بين الاقوامي ٿياڪڙيءَ جو مخالف آهي.

عسڪري طور تي ڏک لڳڻ کانپوءِ جنرل مشرف جي ڪاميابي جا امڪان مڪمل طور تي ختم ٿي ويندا. خطي لاءِ پلو بہ ان ۾ ئي آهي تہ هو حڪومت جي تبديلي جي لاءِ راضي ٿئي تہ جيئن هڪ خوفناڪ جنگ کان بچي سگهجي. جيڪا نيوڪليئر تباهي بہ آڻي سگهي ٿي.

هندوستان لاءِ بہ اهو ئي بهتر ٿيندو تہ پنهنجو وات بند رکڻ لاءِ حڪومت جي ان تبديلي کي قبول ڪرڻ بجاءِ ان جي تہ هو محدود جنگ ڪري جيڪا بي قابو بہ ٿي سگهي ٿي.

يارت کي بہ ياد هوندو تہ پاڪستان وقت ۽ علائقي جي حوالي سان محدود جنگ ۾ بهترين جنگ جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو. پاڪستاني فوج پوري طرح اسلح ۽ هٿيارن سان مسلح آهي. محدود جنگ طويل جنگ ۾ بہ بدلجي سگهي ٿي ۽ ڏگهي جنگ گرمي جي موسم ۾ گرمي پد کي وڌائي بہ سگهي ٿي، ايستائين جو ٻنهي ملڪن جي ڪجهہ علائقن ۾ گرمي پد ٥٠ ڊگري سينٽي گريڊ تائين بہ وڃي سگهي ٿو. گنريل مارچ ۾ سينيٽ ڪميٽي جي اڳيان پنهنجي شهادت ۾ سي آئي اي جي اڳيان اهو چيو هو تہ ١١ سيپٽمبر وارن حملن جي نتيجي ۾ پاڪستان کي پنهنجو حليف بڻائڻ جو فيصلو بنيادي سياسي تبديلي جو حامل فيصلو هو، جنهن ۾ بنيادي طور تي ڪيترائي خطرا موجود هئا.

هاڻ اهي خطرا واضح طور تي سامهون اچي رهيا اهن. ڇو تہ ڏکڻ ايشيا جو سمورو خطو جنگ جي خطرن جي ور چڙهيل اهي.

# ڊينئل پرل جو قتل

"وال اسٽريٽ جرنل" جي صحافي ڊينئل پرل جي قتل سان پاڪستان جي سياست ۾ هڪ خطرناڪ قسم جي مرحلي جو آغاز ٿيو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪشمير ۽ افغانستان مان هار کائي موٽندڙ جنگجو هاڻ پاڪستان ۾ پاڻ کي وري منظم ڪري رهيا آهن. ڪيترن ئي اهم ادارن. جاگرافيائي. تاريخي ۽ نظرياتي همدرديءَ جي ڪري جنگجوئن کي منظم ٿيڻ لاءِ اسلام آباد هڪ بهترين پناهه گاهه طور نظر اچي ٿي. اسلامي ويڙهاڪ پسندن ۾ اهڙا گروپ ۽ ماڻهو موجود آهن. جن افغانستان تي روسي قبضي دوران پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪيو هو. جيڪي هاڻ به هڪ سپر پاور کي شڪست ڏئي سگهن ٿا. روس جي خلاف جنگ دوران هنن جنگي نظم و ضبط ۽ جنگي ڪارروائين جو جيڪو تجربو حاصل ڪيو. ان جي ڪري هنن کي گوريلا جنگ وڙهڻ جو به زبردست تجربو حاصل ٿي چڪو آهي. انهن جنگجوئن جي ٽولن ۾ اعليٰ تعليم يافته. سائنسدان. اهو به ممڪن آهي ته هنن ۾ ايٽمي سائنسدان به هجن. پاڪستان جي اعليٰ يونيورسٽين جا گريجوئيٽ ۽ اولهه جي دنيا جي اعليٰ تعليمي ادارن جا پڙهيل لکيل ماڻهو به شامل آهن.

شيخ عمر جيڪو ڊينئل پرل جي اغوا ڪيس ۾ سڀ کان وڏو شڪي ملزم آهي. بنيادي ابتدائي تعليم جي لاءِ هڪ باوقار اداري ايچي سن ڪاليج لاهور ۾ داخل ٿيو. ان ڪانپوءِ هو لنڊن جي هڪ عظيم اداري "لنڊن اسڪول آف اڪانامڪس" ۾ داخل ٿيو. پر پوءِ هن جهاد جي لاءِ تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. هن جڏهن اهو تسليم ڪيو ته هن ڊينئل پرل کي اغوا ڪيو آهي ته ڇڻ هو موت سان منهن مقابل ٿيندو هجي. هن ايتري حد تائين به دعويٰ ڪئي ته هو پاڪستان کي آمريڪا جي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ جنگ ڪري رهيو آهي.

اهي اعليٰ تعليم يافته ويڙهاڪ. قانون جي نفاذ. فوجي ۽ انٽيليجنس جي پسمنظر کان به پليءَ پٽ واقف آهن. هنن غير مسلمانن جي لاءِ جيڪا جنگ شروع ڪئي آهي. ان ۾ اعليٰ قسم جي نواڻ (اسلحي جي لحاظ کان) شامل ڪري ڇڏي آهي! جيڪڏهن هاورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر سيموئيل هنٽگٽن تهذيبن جي ٽڪراءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ويڙهاڪن جون ڪارروايون. مسلم ۽ غيرمسلم دنيا جي وچ ۾ تعلقاتن کي خوف. دهشت. ڪاوڙ ۽ مڪافات عمل جي پاداش جي ذريعي ٽوڙي مروڙي ڇڏڻ واري عمل ۾ تڪڙ ڪرڻ تي قادر آهن.

ڊينئل پرل جو سِرُ ڌڙ کان جدا ڪري ڊيڪارڊ ڪرڻ واري وڊيو ڪيسٽ ان وقت جاري ڪئي وئي، جڏهن مسلمان حضرت ابراهيم عليه السلام جي قربانيءَ جي ياد ملهائي رهيا هئا. حضرت ابراهيم عليه السلام جو اهو عمل الله تعاليٰ جي محبت جو مظهر هو. علامتي طور تي ڊينئل پرل کي انتهائي ڀيانڪ انداز ۾ قتل ڪيو ويو جيڪو ويڙهاڪن طرفان غيرمسلمانن خلاف عزم جو اظهار آهي. سندس زبان کان چورايو ويو ته هو يهودي آهي، هن جي ماءُ يهودي آهي. ان ڪانپوءِ ڪيس ذبح ڪيو ويو. ان مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس آمريڪي ۽ يهودي هجڻ جي ناتي قتل ڪيو ويو. اهڙي موقعي تي جڏهن مسلمان ان ڳالهه تي اصرار ڪندا ته ڪنهن فرد واحد جي ڪنيل قدم ۽ ڪنهن ڪميونٽي جي خلاف جذبن ۾ تميز ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. وري خوف ۽ دهشت واري عالم ۾ اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته اسلامي ويڙهاڪ پسندن جو هڪ مطلب اهو به آهي ته اهڙن مختلف مذهبي گروپن جي وچ ۾ جنگ ۽ نفرت پيدا ڪئي وڃي جيڪو اهل ڪتاب وارن جي وچ ۾ هڪ

www.bhutto.org

# هاءِ جيڪنگ ۾ درپيش مشڪلاتون

ڪشميري مجاهدن ڊسمبر ٢٠٠٠ع ۾ کٽمنڊو کان اينڊڙ هندوستاني جهاز کي ڪاميابي سان اغوا ڪيو. جهاز جي اغوا واري هاڻوڪي تاريخ ۾ اها هڪ ڪامياب ترين هاءِ جيڪنگ هئي. هاءِ جيڪنگ جو سلسلو تقريبن هڪ هفتي تائين هلندو رهيو ۽ ڪشميري مجاهدن هندوستان کي ان ڳالهه تي مجبور ڪيو ته هندوستاني جيلن ۾ قيد ڪشميري مجاهدن کي آزاد ڪيو وڃي.

٣١ ڊسمبر ١٩٩٩ع تي جڏهن سڄي دنيا صديءَ جون اختتامي تقريبون ملهائي رهي هئي ان وقت هندوستان بيزاري ۽ پريشان ڪن حال ۾ ڪشميري مجاهدن جي پيش ڪيل مطالبن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور هو. هن وٽ ٻيو ڪو رستو به نه هو. جيڪي ماڻهو جهاز ۾ سوار هئا. انهن جي وارثن هندوستاني حڪومت جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو. اندروني دٻاءُ ايترو ته وڌيڪ هو جو هندوستاني حڪومت کي پنهنجو سخت رويو تبديل ڪرڻو پئجي ويو. جو ته ان کان اڳ حڪومت هاءِ جيڪرن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هئي.

يرغمالي پنهنجي گهرن ۾ پهچي ويا ۽ هاءِ جيڪر وري افغانستان جي پهاڙن ۾ گم ٿي ويا. جتي جهاز کي لاٿو ويو هو. ان هاءِ جيڪنگ پاڪستان ۽ هندوستان جي تعلقاتن تي جهڙوڪ پردو ڏئي ڇڏيو آهي. ٻنهي ملڪن هڪ دفعو ٻيهر هڪٻئي تي الزام لڳائڻ وارو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ خوشحالي لاءِ ڪو سٺو سنوڻ ناهي.

هاءِ جيڪنگ کان فورن پوءِ هندوستان ان جو ذميوار پاڪستان کي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. هندوستان ته اها به دعويٰ ڪئي آهي ته هاءِ جيڪر اسلحي سميت پاڪستان جي قومي ايئر لائن جي ذريعي کٽمنڊو پهتا هئا ۽ ٽرانزٽ لائونج ۾ ڪنهن به جانچ پڙتال کانسواءِ هندوستاني جهاز ۾ وڃي سوار ٿيا. پر ان وقت جي ڪڏهن به تصديق ٿي نه سگهي هئي، ان جي ردعمل ۾ وري پاڪستان هندوستان تي اهو الزام مڙهيو ته هو هاءِ جيڪنگ مان سياسي فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. هندستان جي طرفان دهشتگرديءَ جي سرپرستي ڪرڻ واري الزام جو جواب پاڪستان جلد ئي ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪندي هندوستان سان واپار کي معطل ڪري ڇڏيو. اها ڳالهه درست ناهي. هاڻ اهو وقت آهي ته ناراضگين کي گهٽايو وڃي. جهيڙي وڌائڻ مان ڇا حاصل. هاءِ جيڪنگ واري ڳالهه ته پراڻي ٿي وئي پر ان جا اثر هاڻ ظاهر ٿين لڳا آهن.

تازي ڏند ڇڪ مان صاف طور تي اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هندوستان جوابي ڪارروائي جي پوري پوري ڪوشش ڪندو، جو ته هاءِ جيڪنگ جي ڪري هو پهريان گهڻو بيعزت ٿي چڪو آهي. اها جوابي ڪارروائي ان صورت ۾ به ٿي سگهي ٿي ته پاڪستان کي هڪ دهشتگرد ملڪ قرار ڏيارڻ لاءِ هڪ نئين بين الاقوامي مهم شروع ڪرائي ڇڏجي.

هاءِ جيڪنگ وارو واقعو اهڙي موقعي تي پيش آيو آهي، جڏهن پاڪستان اڳ ئي خراب حالتن جي ور چڙهيل آهي، اجان ته گذريل بهار واري موسم ۾ ڪارگل واري بحران جي اثرن کان به نڪري نه سگهيا آهيون. جڏهن ٻئي ملڪ جنگ جي ويجهو اچي چڪا هئا. پاڪستان جي نئين فوجي حڪمران ڏاڍي گرم جوشيءَ سان هندوستان ڏانهن دوستاڻي ماحول جا پيغام موڪليا هئا. ايستائين جو سرحدن تي موجود فوج کي به گهٽايو ويو پر هندوستان جي لاءِ اهو ڏکيو ڪم هو ته جنرل تي

جاڳائڻ خاطر جرئت مند ڪار روائين جي ضرورت آهي ۽ ايٽمي جنگ جي ڌمڪي بين الاقوامي برادريءَ کي ڪو قدم کڻڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿي. يقينن بين الاقوامي ميڊيا ۽ دنيا جا سياستدان هن وقت سجاڳ ٿي پوندا جڏهن ڪا خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي پوندي آهي. اندازو ڪريو ته جڏهن ١٩٩٨ع ۾ هندوستان ۽ پاڪستان ايٽمي ڌماڪا ڪيا ته ان وقت به ڪشمير بين الاقوامي ڌيان ڇڪايو هو. يا وري جي ٨ جي دلچسپيءَ جو اندازو لڳايو جڏهن ١٩٩٩ع ۾ ڪارگل ۾ جنگ شروع ٿي وئي هئي ۽ هاڻ وري ساڳي دلچسپي پيدا ٿي پئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته دلچسپي گهٽ آهي، جڏهن هاءِ جيڪنگ جو واقعو ٿيو. پر اهو هڪ خطرناڪ دليل آهي ۽ ان ڪان به وڌيڪ خطرناڪ اهڙو رستو اختيار ڪرڻ آهي.

گذريل پنجاهه سالن دوران به اهڙيون ئي ڪوششون ٿينديون رهيون آهن پر ٻنهي ملڪن جا اختلاف ختم ٿي نه سگهيا آهن. ان جي برعڪس ١٩٧١ع ۾ پاڪستان ڀڄ اڌ ٿي ويو هو ۽ ١٩٩٩ع ۾ ڪارگل ڪان موٽ واري ذلت برداشت ڪرڻي پئي. هندوستان ۽ پاڪستان کي وچ اوپر ڪان سبق حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جتي ڳنڀير صورتحال کي ڳالهين ذريعي حل ڪيو پيو وڃي. شام ۽ اسرائيل جون هاڻوڪيون ڳالهيون ٻڌي برصغير جون اکيون کلڻ گهرجن.

هڪ فوجي حڪمران جيڪو اندروني مشڪل صورتحال جي ڄٻڻ ۾ ڦاٿل آهي ۽ جيڪو خاص قانون ۽ خاص عدالتن جي ذريعي اندروني دشمنيءَ جي ور چڙهيل آهي، ڇا هو امن تي ايترو ڌيان ڏئي سگهي ٿو؟ جيتري ضرورت آهي؟ ڇا هن وٽ ايتري پيش بيني آهي ته هو صدر ڪلنٽن جي ڏکڻ ايشيا واري دوري ڪان فائدو حاصل ڪري ۽ پاڪستان هندوستان تعلقاتن جي بحالي کي ممڪن بڻائي سگهي. ان سوال جو جواب ڇا آهي، ڪنهن کي به ڄاڻ ڪونهي. شايد جنرل صاحب کي به نه هجي. پر ان سوال جو جواب ٻن ايٽمي ملڪن جي خراب ٿيندڙ تعلقاتن جا نتيجا لڪل آهن. ٻئي ملڪ گذريل بهار واري موسم ۾ ايٽمي ٽڪراءَ جي ويجهو پهچي چڪا هئا ۽ گذريل مهيني پيش آيل هاءِ جيڪنگ جو واقعو هڪ دفعو ٻيهر خطرناڪ ۽ نيوڪليئر مقابلي تائين پهچي سگهي ٿو.

وارا، برآمد ڪرڻ وارا ۽ تيار ڪرڻ وارن ملڪن جي وچ ۾ هر سطح تي تعاون جي اهميت جو جائزو ورتو ويو. تنازعن جي شڪار علائقن جي طرفان اهڙن هٿيارن جي سپلاءِ مؤثر طريقي سان روڪڻ لاءِ اهو عمل نهايت ئي اهم آهي.

اسٽيٽ ريگيوليٽري ڪنٽرول کان ٻاهر ننڍن هٿيارن ۽ جنگي اوزارن جي غيرقانوني ڦهلاءُ کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ شامل اسلحو تيار ڪرڻ وارن ملڪن خود بخود اهڙا قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. مارڪنگ ۽ معلومات جي تبادلن جي ذريعن جي سراغ لڳائڻ جي حوالي سان ڪنهن بين الاقوامي قانوني وسيلي تي اتفاق راءِ ايندڙ سالن ۾ مشڪل ثابت ٿيندي، ان ڪري هٿيار تيار ڪندڙن کي پاڻمردو ئي قدم کڻڻا پوندا.

سمال آرمز ڪنٽرول جي ميدان ۾ مارڪنگ ۽ ٽريسنگ اهڙا شعبا آهن جتي ڪمرشل ۽ حڪومت جي زير نگراني مال تيار ڪرڻ وارن ۽ ان سان گڏوگڏ حڪومتن کي پاڻ ۾ ملي ڪم ڪرڻ ۾ فائدو آهي. ان اهم قدم جي ڪاميابيءَ لاءِ ننڍا هٿيار تيار ڪرڻ وارن ۽ برآمد ڪرڻ وارن ملڪن جي حڪومتن جي طرفان "پيرس پراسيس" جي حمايت ڪنهن به اهميت کان خالي ناهي.


www.bhutto.org

ڪي مذهبي جماعتن جي اشاري تي نچڻو پوي ٿو. فوجي ۽ سلامتي معاملن بابت حڪومت سان سندن خفيہ رابطا غير جمهوري معاشري ۾ ڪين ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ جو ڀرپور موقعو مهيا ڪري ٿو.

هڪ خوبي جيڪا اسلام آباد جي فوجي حڪومت ۾ آهي ۽ جيڪا هيٺان ڪان مٿي تائين هڪ جهڙي آهي، اهو اهو تہ "ديڳڙي مان نڪري چلهہ ۾ ڪرڻ" وارو رجحان تمام گهڻو آهي. ٻاهرين طاقتن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي عوام جي باري ۾ هنن جو غيرلچڪدار رويي ڪين ملڪ جي اندر اعتماد کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. امن، جمهوريت، انساني حقن ۽ قانون ۽ انصاف واري حڪومت جهڙن قدرن کان انڪار، سول سوسائٽي کي کوکلو ڪري رهيو آهي. هيءَ هڪ اهڙي حڪومت آهي جيڪا تشدد جي پيداوار آهي، جيڪا تشدد پيدا ڪري رهي آهي ۽ بذات خود تشدد جو شڪار آهي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ سندس انجام بہ تشدد جي هٿان ٿئي. جيڪو يقينن عبرتناڪ هوندو.

پاڪستان هڪ اهڙي حڪومت جو حقدار آهي جيڪا هن آمريتي نظام کان بهتر هجي. جيڪا اقتدار جي ڪري ٻاهرين قوتن جي نازبرداريءَ کان آجي هجي.



www.bhutto.org

نظام تحت ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڪرپشن جي نالي تي سياسي مخالفن کي رڳڙو لڳائڻ ۽ فوج جو پيٽ ڀرڻ جي لاءِ واپارين جو استحصال ڪرڻ، نهايت ئي تباهي واري پاليسي آهي. وفاق، جمهوريت غربت جي خاتمي جهڙن تصورن جو دنيا ۾ هميشه ذڪر ڪيو ويو آهي. ڏاڍ ۽ اشتعال واري سياست هڪ طاقت کي ايٽمي هٿيارن ۽ ٻئي ڪي طالبان جو ڊپ ڏئي ان سياست مان خوف پيدا ڪري پنهنجي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ وارا مقصد پورا نٿا ڪري سگهجن. ڏک جي ڳالهه اها آهي ته طالبان به هاڻ پاڪستان ۾ پنهنجي پراڻن دوستن مان بيزار ٿي ويا آهن، هو هاڻ ايران سان واپاري رستن ۽ متحده عرب امارات سان هوائي سفر جي امڪان جي تلاش ۾ آهن.

فوجي حڪومت مضبوطيءَ جا نوس بنياد قائم ڪرڻ لاءِ ڪن اصولن تي عمل ڪري صورتحال کي بهتر ڪري سگهي ٿي. خوف ۽ دهشت منفي قوتون آهن جن جا اثر اهڙا ته خطرناڪ آهن جو جيڪي انهن کي ڦهلائڻ جو ڪم ڪن ٿا انهن کي پنهنجو شڪار ڪري وٺنديون آهن. جڏهن ته گڏيل مفاد ۽ اجتماعي فائدن جي مثبت قدمن لاءِ ماڻهو ۽ قومون هڪٻئي جي ويجهو ايندا آهن اشتعال انگيزي واري سياست ترڪ ڪري پاڪستان امن ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگهي ٿو.



www.bhutto.org

ڪٽي آئي آهي.

طالبان سياسي مفاهمت کي رد ڪري ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهيا آهن. جيڪي ماڻهو پهريان سندن حامي هئا. سي هاڻ خاموش ۽ ڏک ۾ ورتل ۾ آهن. فتح جا هزارين پيڙهه ٿيندا آهن جڏهن ته شڪست جي حيثيت هڪ يتيم جيان هوندي آهي جيڪي ماڻهو طالبان جي غير دانشمندانه حڪمت عملي جي حمايت ڪندا هئا. اهي اصل ۾ اخلاقي ۽ سياسي طور تي واقعن جا ذميوار آهن. انهن هزارين پاڪستانين جا جوابدار آهن. جن کي ٽيڪر ڏئي بي مقصد جنگ جي نظر ڪيو ويو هو.

طالبان جنگ جو هڪ فائدو اهو پيو ته پاڪستان سڄيءَ دنيا جي نگاهن جو مرڪز بڻجي ويو. اسلام آباد جي حڪمرانن جي قسمت چمڪي پئي. جڏهن ته ڪارا بادل اجا به آسمان تي ڇانيل آهن. دنيا جو ڌيان دهشتگردي ڏانهن آهي. جيڪڏهن اسان جي فوجي حڪومت اهو سمجهي ٿي ته همدردي جي هاڻوڪي لهر جي نتيجي ۾ پاڪستان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ته اها سندس غلط فهمي آهي.

جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ سموري دنيا پاڪستان سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي رهي پر ڪنهن به سياسي ۽ معاشي بحران جي حل جي تلاش لاءِ اسان جو ساٿ نه ڏنو. همدردي جي هاڻوڪي لهر به اسان جي قسمت کي بدلائي نه سگهندي. آخرڪار هر قوم کي پنهنجي ئي پيرن تي بيهڻو پوندو آهي پر جيستائين اندروني استحڪام ميسر نه هوندو، ٻاهريون همدرديون ڪنهن به ڪم جون نه آهن.

هن حڪومت جڏهن عالمي اتحاد ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو ته موت ۾ هن عوام لاءِ ڪوبه معاشي فائدو حاصل نه ڪري سگهي. اولهه وارا پهريان ته اهو پڇندا هئا ته ”اسان اسلام آباد جي لاءِ ڇا ٿا ڪري سگهون؟“ بون سمجهوتي ڪانپوءِ وري هاڻ هو پڇڻ لڳا آهن ته ”اسان ڪابل لاءِ ڇا ٿا ڪري سگهون“ اهو سوچڻ بلڪل حماقت آهي ته اربين ڪربين ڊالر جيڪي هاڻ ڪابل کي ملڻ وارا آهن. اهي پاڪستاني ٺيڪيدارن جي کيسي ۾ اچي ويندا. اسٽيبلشمينٽ جي افغان پاليسي اتر اتحاد سان گڏ پين ڪيترن ئي پشتون ليڊرن کي به پاڪستان کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري هو هاڻ پاڪستاني ٺيڪيدارن تي ڪڏهن به اعتماد نه ڪندا.

11 سيپٽمبر ڪانپوءِ آمريڪا جي سرگرم حمايت ڏسي اسان جي فوجي حڪومت هندوستان کي اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون هيون. اسلام آباد جي لاءِ اها جنگ جلد ئي ختم ٿي وئي. جنرل دوستم ڏکڻ طالبان کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ سرينڊر ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. پاڪستان اڄ به ٻاهرين طاقت ۾ اها اميد لڳايو ويٺو آهي پر پنهنجي اندروني بحران ڏانهن ڪوبه ڌيان نٿو ڏنو وڃي. آمريت ۾ ڪوبه سرمائيدار سرمائيڪاري نه ڪندو آهي. تجارت معاشي ترقي جي ڪليدي مدرسن ۾ گم ٿي وئي. اڄڪلهه مدرسن ۾ شاگرد تجارتي ۽ ڪاروباري اصولن سکڻ بدران بندوق هلائڻ واري تربيت وٺي رهيا آهن. بهرحال 20 صدي جو سبق اهو ئي آهي ته پاڻ کي معاشي طور تي مضبوط ڪيو. اقتصادي مفاد پرامن تعلقات جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ترقي پذير منڊين کي عالمي تجارت ۽ پيداوار ۾ چڱي خاصي اهميت حاصل آهي. انگريزن جو انڊيا تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ هي خطو دنيا جي مالدار خطن ۾ شمار ٿيندو هو. جيڪڏهن هتي اختلافن کي ڇڏي امن قائم ڪرڻ ڏنو وڃي ته هي خطو هڪ دفعو ٻيهر ترقي يافته ٿي سگهي ٿو.

دنيا جي آبادي جو چوٿون حصو ڏکڻ ايشيا ۾ آباد آهي. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته هن جي مجموعي آمدني عالمي آمدني ٻه سيڪڙو کان به گهٽ آهن. هن جي 430 ڊالر في ڪس آمدني دنيا جي آمدني جو ايوريج 10 سيڪڙو ٿئي ٿو. جيڪو تمام گهٽ آهي. غربت ۽ بيماري جو مظهر آهي 45 سيڪڙو آبادي غربت ۽ بيماري جو


www.bhutto.org

شڪار آهي ۽ هن جي روزاني آمدني هڪ ڊالر کان به گهٽ آهي.جڏهن ته ٻه ڊالر کان گهٽ آمدني وارن جو تعداد ڪروڙن ۾ آهي. ترقي يافته ملڪ پنهنجي اختلافن کي هڪ پاسي رکي متفق ويليو سسٽم تحت ڪم ڪندا آهن. جنهن ۾ ماڻهن جي خواهش، قانون جي بالادستي، انصاف ڀري اليڪشن، انصاف ڀرئي عدالتي نظام جو احترام شامل آهي. پاڪستان ۾ اهڙي قسم جي سوچ اڃان تائين اڀري نه سگهي آهي. هتي ڪيترائي ماڻهو ڌانڌلي واري اليڪشن يا بي ايماني تي ٻڌل فيصلن کي "قومي مفاد" ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا آهن. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هتي قومي مفاد جو تعين اهڙا ماڻهو ڪندا آهن. جيڪي شڪست ۽ بدناميءَ جو طوق ڪٺي گهمندا آهن. 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان ۾ "قومي مفاد" جي حوالي سان ڪهڙو حشر ڪيو ويو يا وري پوءِ 1979ع ۾ هڪ چونڊيل وزيراعظم کي ڦاهي ڏني وئي. 1987ع ۾ سياچن هٿ مان هليو ويو. 1999ع ۾ ڪارگل جي فتح شڪست ۾ بدلجي وئي. وري مستقبل کان بي پرواهه ٿيندي طالبان جي سرپرستي ڪئي وئي. ائين ٿو لڳي ته جڻ قومي مفاد تي عمل ڪرڻ اسٽيبلشمينٽ جو استحقاق آهي. تنهن جي ڪري بحث ڪرڻ جا سڀ دروازا بند ڪيا ويا آهن. پارليامينٽ معطل آهي ۽ جيڪي ماڻهو هن نام نهاد قومي مفاد کي چيلينج ڪن ٿا. انهن کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن کان ملڪي شهريت کسڻ جون تدبيرون ڪيون پيون وڃن، اهڙي قسم جي ناقابل برداشت پاليسيون. عدم تحمل ۽ عدم رواداري واري ڪلچر کي فروغ ڏئي رهيون آهن. هن ڪلچر کي چيلينج ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ پاڪستان پنهنجي پيرن تي بيهي سگهڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي ويندو. جديد ڪاروباري نظام ۾ شاگردن کي اهو پڙهايو ويندو آهي ته "گراهڪ هميشه حق تي هوندو آهي." اهڙي طرح نظام ۾ به اسان کي تسليم ڪرڻ گهرجي ته ووٽر هميشه حق تي هوندو آهي. جيڪي جرنيل ماڻهن جي راءِ شماري واري حق کي رد ڪن ٿا. اهي ملڪ لاءِ مسئلا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا. ڏکڻ ايشيا ۾ امن قائم ٿيڻ سان اقتصادي ترقيءَ جا دروازا کلي سگهن ٿا. انساني ترقي هن خطي کي معاشي لحاظ کان خوشحال بڻائي سگهي ٿي. هن وقت پاڪستان دنيا جي اسٽريٽيجڪ حصي ۾ آهي ۽ ان نئي صورتحال مان فائدو وٺندي پنهنجي قسمت ٺاهي سگهي ٿو. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اسان جا جرنيل تباهي واريون پيشنگويون ڪندا آهن. 1996ع ۾ ڪجهه جرنيلن چيو ته عراق آمريڪا جي لاءِ ويٽنام ثابت ٿيندو. 1999ع ۾ ڪارگل واري معرڪي متعلق چيو ويو ته اهو اسان جي عزت ۽ وقار جو سبب بڻجندو. هاڻوڪي افغان جنگ بابت اهو چيو ويو ته طالبان آمريڪا کي سبق سيکاري ڇڏيندا. ان جي برعڪس سياسي ليڊرن جي اها ڳالهه درست نڪتي ته هڪ برتر فوجي قوت پاڻ کان ڪشمير قوت تي غالب رهندي. تڏهن ئي ته 1990ع ۾ ڪويت تي قبضو، 1999ع ۾ ڪارگل جو معرڪو ۽ 2001ع ۾ افغان جنگ بابت جرنيلن جا سڀئي انداز غلط نڪتا. تاريخ جو اهو سبق پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح آهي ته جنگ هڪ اهڙو سنجيده ڪاروبار آهي، جيڪو اڪيلي جرنيل لاءِ ڇڏي نٿو سگهجي.

پاڪستان جي لاءِ اولهه جي حمايت يافته ۽ نوڪر شاهي جي حمايت يافته ڊڪٽيٽر جي وچ ۾ ڪو ٽيون آپشن به هجڻ گهرجي. 1979ع ۾ آيت الله خميني جي انقلاب جي ڪاميابي ۾ ٽئين آپشن واري فقدان اهم رول ادا ڪيو هو. پاڪستان جي عوام جي لاءِ سياسي استحڪام ۽ معاشي بحالي جي منزل ان وقت شروع ٿيندي، جڏهن جرنيل واپس پنهنجي بيرڪن ۾ هليا ويندا ۽ ان حقيقت کي تسليم ڪندا ته "ووٽر هميشه حق تي هوندو آهي."

www.bhutto.org

